

ترِچا تير
صدا لاشاري
صدا پبليڪيشن ڪراچي

# تِرچا تير

## صدا لاشاري

صدا پبليڪيشن، ڪراچي

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ترچا تير |
| تخليقڪار: | صدا لاشاري |
| ڇپائي: | 2014ع |
| ڪمپوزنگ: | مسافر ابڙو |
| لي آئوٽ: | نديم احمد سولنگي |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڇپائيندڙ: | صدا پبليڪيشن، ڪراچي |
| قيمت: | 300/_ رپيا |


## ملڻ جا هنڌ

سنڌيڪا اڪيڊمي B_24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021_32737290
سنڌيڪا بوڪ شاب: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ ، 03352233802-
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گھنٽا گھر چوڪ سکر فون: 03352233803 -03013431537
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521، 0300_343115
ڪانياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي - ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گھر بئراج روڊ، بخاري ڪتاب گھر، سکر - سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد - شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه - عثمانيه لائبريري، چنيهاٽي ڪنڊيارو، - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گھر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو - مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو -

### رابطي لاءِ


**آفيس 301 صابر منزل 98 مارسٽن روڊ، ڪراچي**

74400

فون: 03002175550

# ارپنا

## هيءُ ڪتاب مَن جي ميرن مردن هٿان
## پاڪدامن
## ڪاريون ڪري ڪُٺل
## سنڌ جي سورمين
## کي ارپيان ٿو.



# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (251) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. شاعريءَ جو هي ڪتاب **”ترچا تير“** خوبصورت شاعر **صدا لاشاري** جي تخليقن جو مجموعو آهي.

صدا لاشاريءَ جون رچنائون پڙهي حيات جي اصليت کي سمجهڻ ۽ پڙجهڻ لاءِ نه صرف مواد ملي ٿو پر شدت غم سان گڏ ان کي ماڻڻ ۽ پائڻ جو احساس به پيدا ٿئي ٿو. هن پنهنجي دور جي سيني المين کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو آهي.

هي ڪتاب 2014ع ۾ **صدا پبليڪيشن** پاران **سنڌيڪا اڪيڊمي** وٽان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سنڌيڪا اڪيڊمي جي سرواڻ نور احمد ميمڻ ۽ فضل الرحمان ميمڻ جا جن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائڙن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست

مهاڳ 9
ساروڻيون 17

غزل 23
اي خدا هر سال نئون تون عظمتن جو سال ڪر، 24
مولا جي آهي منڊلي، ڪردار آهيان مان 25
ليڪا ڪين نہ ڪبا هِن پنهنجي پائرن ساڻ، 26
نظر سان ناز جو رشتو، سخن سان ساز جو رشتو، 26
درد دل جا پراڻا ياد ايندا ويا 28
ها پتڪيل روح آ منهنجو ڪاچي، لاڙ ۽ ٿر ۾ 29
پرين سان راز جو ڳالهيون نظر ۽ نياز جو ڳالهيون 30
اميدون منهنجون ويون لهرن ۾ لتَجي 31
اتساهہ ڏيندڙ اکڙيون، سينو سُپر سڄڻ جو، 32
دل ڏنم توکي مٺا، ڇو ٿو رُئا رين خامخا، 33
ڳالهہ مُنڊي تي ٽِڪ برابر 34
ڪڏهن واءَ، پاڻيءَ ڪڏهن مينهن پوڙيو 35
اڙي چنڊ تون ڇو شرمائين ٿو، اڙي چنڊ تون ڇو شرمائين ٿو، 36
بسم الله محبوب توکي، بسم الله ڙي جاني، 37
ڪل سهڻي، ڪل سهڻي، ڪل سهڻي ڪل، 38
رات يار اڱڻ آيو قرب ڪري ويا سُور لهي جڏهن درشن ٿيا، 39
تنهنجي پيار جي اي پيارا مونکي ضرورت آهي، 40
هاءِ! دل جي لاءِ مان دلبر ڪٿان آڻيان، 41
دردِ دل، درد ڇوان يا درد جو درمان ڇوان 42
خزان هئي مون بهار سمجهو مگر نہ سوچيو هو، 43

چا آهي هي زندگي اي دلربا؟ 44
اسان پنهنجي يارن جي ياري ۾ پورا، 45
ڪري يار ڪاريون نياڻيون نہ ماريو، 46
محبت نہ ليکبي آ، محبت جو حساب ڪهڙو؟ 47
او صنم، او صنم، او صنم 48
نالي الله جي مٺا منهن ڏيکاريو، 49
ڏسو صورت، ڪٿي سيرت سنڌ جون سوريون سهٽيون، 50
پلا يار ڪامورا بيڪار ماڻهو 51


## متفرق اصناف


المياتي تواريخ 53
ادا انسان ساڳيو آ 55
واڪاڻ 57
تواريخ هڪ آئينو 58
ڏوراپو 59
هڪجهڙائي 60
اڻوٽ رشتو 63
سنڌوءَ جو شان 66
منهنجو شهر جيڪب آباد 68
ڌرتيءَ جو ترانو 68
منهنجو يار آ سهڻو هَٿ پري، 69
دنيا دورنگي آهي ادا سائين 70
آهيان دردن ماري 71
نينهن نياپن سان نہ آهي ٿيندو، وجي در تي ديرڙو لاءِ 72
ڪري ها آنا ڪي فَنا جي انسان 73
دم گهرجي 74
ڏوهيڙا 75

بيت 77
هائيڪا 79
ٻہ سِٽا 85
جلال چانڊيو کي ارپنا 86

# مهاڳ

نوجوان شاعر الف۔ ب صدا لاشاري پنهنجو پهريون ڪتاب ڪڻي بزم شاعريءَ ۾ قدم رکيو آهي. هو لاطمع بڻجي بنا رک رکاءُ جي اندر جي اڌمن ۽ ارمانن کي پنن تي اوتيندو رهيو آهي. درد هرحال ۾ درد آهي پوءِ اُهو پنهنجو هجي يا پيا جو هجي، ڏرمن، فرقن ۽ وهمن ۾ قاتل انسانن جو هجي يا ڪائنات ۾ وسندڙ هر جيءَ جو هجي پر هرحال ۾ هڪ شاعر ئي اهڙي ڪٿا بيان ڪري ٿو. پڙهندڙ اهڙين ڪٿائن جو تجزيو پنهنجي پنهنجي فڪر ۽ ذوق مطابق ڪندا آهن. ڪڏهن نقاد بڻجي تجريدي تعريف ڪن ٿا ته ڪڏهن آزاد ۽ نثري نظم چئي خيال آرائي ڪن ٿا. ڪي وري فاعلاتن ۽ فاعلات جي قاعدي کي سامهون رکي شعر ۽ رچنائن جي تخليق ڪن ٿا. شعري بيان جون صورتون ڪهڙيون به هجن پر ڏسڻو انهن جذبن ۽ محبتن جي اونهائي کي آهي جن جون حدون آسمان ۽ ڌرتيءَ جي وسعتن جي وچتي آهن. ساهوارن جي وسايل هن سنسار ۾ ”صدا لاشاري“ رچنائن جو هي روشن ڏيو ڪڻي ڌرتيءَ تي آندل هٿراڌو اونده کي ختم ڪرڻ جي هڪ ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي.

صدا لاشاريءَ جي داخلي شعور جو ڀرپور اظهار هن غزل ۾ ڏسي سگهجي ٿو جنهن ۾ تاثرات، تغزل، نغمگي ۽ رڌم هجڻ ڪري لفظن ۾ روح ڦوڪجي ويو آهي.

۔ اتساه ڏيندڙ اکڙيون، سينو سَپر سجڻ جو  
واعدو ڪيون وچي ٿو پيهر وري اچڻ جو.

۔ وارن جا وار واري، هر هر کلي ڪيڪاري،  
سيني سان پئي لڳايو، ورجاءُ ڪري وچن جو.

۔ ارڏي عجيب سهڻي’ دَر دَر ڪيا ديوانا،

ماري ڇڏي نظارو ، ڳلڙن تي خَم“ پورڻ جو.
– محبوب گل مثل آ، پنورن کي جَهل نہ پَل آ
ڇهري تي ماڪ اهڙي، شبنم پتين تي جڙ جو.

صدا جون رچنائون پڙهي حيات جي اصليت کي سمجهڻ ۽ پڙجهڻ لاءِ نہ صرف مواد ملي ٿو پر شدت غم سان گڏ ان کي ماڻڻ ۽ پائڻ جو احساس بہ پيدا ٿئي ٿو. هن پنهنجي دور جي سپني المين کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو آهي. ترقيءَ ۾ محرومي جي وچتي اپريل وڏي ديوار ڏسي، دبئي کي سمبل (Symbol) بڻايو اٿس.

بدوئن جا هوٽل
دربان سوٽ ۾ ٺاءِ سان
بيٺا آهن ٺوٺل
– ڪراچيءَ جو هوٽل
دربان بيٺل دروازي تي
پٽڪو اٿس پاتل
– يو اَي اِي جي روڊ تي
متان ڊرائيور سگنل ٽوڙين
اک آ تنهنجي ڪوڊ تي

شاعر کي مساواتي مانداڻ ۾ اهڙي بہ اکيائي جهنجهوڙي ٿي. عظمتن جي هن ائٽمي ۽ سائنسي دور ۾ پنهنجي ديس ۾ بہ ويڳاٽپ محسوس ٿئي ٿي.

ماروئڙن جو ديس
ڪرچ گاڏيون ڪيڪڙا
روڊ نہ رستا ڪيس
– ڪولاچيءَ جو ديس

اجرڪ ٿوپي گج تہ بہ،
ڄڻ تہ ويڳاڻو ويس.

سچا ۽ سيبتا شاعر خواب ۽ خيال بدران حقيقتن جي دنيا ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن ’ جتي ڪين قدم قدم تي ناڪاميون، نامراديون، توڙي ڪاميابيون ۽ خوشيون ملنديون رهنديون آهن پر اُهو اهڙين محرومين سان مقابلا بہ ڪندا رهندا آهن ۽ خوشين ۽ ڪاميابين کي بہ ماڻيندا رهندا آهن. فطري عمل ۽ لڳ لاڳاپا جبلت ۽ رت جي حوالي سان ڪالهہ بہ ساڳيا هئا تہ اڄ بہ ساڳيا آهن. خواهشن کان متيرو ٿي عمل ذريعي ئي سچُ، سونهن ۽ نجات حاصل ڪري سگهجي ٿي.

حوا آدم بہ ساڳيا ها، ادا انسان ساڳيو آ.
ٿيو هابيل سو ساڳيو، ڪري قابيل سو ساڳيو
جبلت رت، جي رشتن جي نہ ڳوليو،
پاڻ پاڻيءَ ۾
رت رت جو رشتو
آسمانن کان ڏرتيءَ تائين
هر انومان ساڳيو آ

انساني رشتن جي اهڙي سچائي ٻڌائڻ کان پوءِ هڪ ڪلاسيڪي سَچَ يعني پيار جي رشتي جي اهميت کي بہ ڪونہ وساريو اٿس. پيار پريو سماج غيرطبقاتي اجتماعي سوچ سان جڙي ٿو’ جنهن ۾ ننڍ وڏائي جو فرق نٿو رهي ۽ هي ڪائناتي سرشتو انهيءَ بنياد تي ئي قائم رهي سگهي ٿو هُو چوي ٿو:

پيار جهڙو انمول موتي’ ٻيو نڪو ٿي ٿو سگهي،
انمول مايا کي منا’ ڇو ٿو ڏڪارين خامخا،
پيار ازلي پيار ابدي، ابتدا ۽ انتها،
آدميت جو امر عنصر متائين خامخا.

صدا لاشاريءَ جي شاعري سنڌ جي اتهاس جي چوگرد ڦري ٿي. اُهڇاٽوي ۽ اڻ مٽ ڪردار قدم قدم تي هن جي رهنمائي ڪندا نظر اچن ٿا. خيالن جي دنيا ۾ پيهي جڏهن هُو تاريخي دردن کي گيتن جو روپ ڏئي ٿو. تڏهن ٻوليءَ جي مناس ڪري سندس گيت مڌرتا، رواني ۽ رس سان ٽمٽار ٿيو پون. هن جي گيتن ۾ ثقافتي ٽاٽا، محبوب جا ماڻا، سونهن جا غمزا، وڳن جو وستار، مومل ۽ نوريءَ جو ناز ۽ نياز توڙي سياسي، سماجي ۽ قومي ڪردار سڀ پنهنجو پنهنجو فرض نڀائيندا نظر اچن ٿا.

- ڏسو صورت، ڪٿي سيرت سنڌ جون سوريون سهڻيون،
  سسئي، سورٺ، مني مومل، ٿري سڀ مورڻيون سهڻيون.
- نماڻا ناز نوريءَ جا، تماچي جام کي ڀانئيا،
  سپئي راڻيون رهيون پوئتي، پاتيون جن چولڙيون سهڻيون.
- ڪٿي جو ٽِانگ بختاور، ڀاڙيو پوتار للڪاريو،
  امر ٿي ويئي هارين جون، سندس لاءِ ٻولڙيون سهڻيون.
- ٻائي جيوٽي، ڀلي ڀاڳي، رزينه ديس جون ديويون،
  ڇيا جن سنڌ جا سهرا، سندن جون لولڙيون سهڻيون.
- ڏنو جن ديس تان دمڙو ٻيبي ٻي نظيران آ.
  سندس تربت مٿي، رهن ٿيون ٽولڙيون سهڻيون.
  پنهنجي پَر ۾ اَمر سنڌو ۽ عرفانه يا رخسانه،
  پيون ٻوهن کي للڪارن، ’صدا‘ سي ڍولڙيون سهڻيون.

محبت ۽ مجاز به اهڙا عنصر آهن جن جو اثر سنڌي شاعريءَ ۾ اصل کان نظر اچي ٿو ۽ ان جو اظهار ڪن شاعرن روايتن کان هٽي ڪيو آهي، ۽ ڪن وري وڏن شاعرن کي سونهون بڻائي گيت سِرجيا. آهن صدا لاشاري به شيخ اياز جي تتبع تي شاعري ڪئي آهي ۽ اِها رسم ڪا بُري ناهي. شيخ اياز چيو ”اڙي چنڊ، اڙي چنڊ پرين تو ته ڏنو ناهه“ صدا لاشاري وٽ پنهنجو رنگ آهي، تقليد ڪيل آهي پر تعميري ۽ نئين انداز ۾ آهي. هُو چوي ٿو:

- اڙي چنڊ تون ڇو شرمائين ٿو، اڙي چنڊ تون ڇو شرمائين ٿو
  منهنجي يار جو روپ ۽ رنگ ڏسي، تون پنهنجو پاڻ جلائين ٿو.

- اڙي گل تون ڇو شرمائين ٿو اڙي گل تون ڇو شرمائين ٿو
منهنجي يار جو نازڪ انگ ڏسي، تون پنهنجو پاڻ جلائين ٿو.
- اڙي لوڪ تون ڇو شرمائين ٿو اڙي لوڪ تون ڇو شرمائين ٿو
هڪ صدا کي پيار جي سنگ ڏسي، تون پنهنجو پاڻ جلائين ٿو.

صدا جي شاعريءَ ۾ هڪ اهڙي پختي آميزش آهي جيڪا هن کي بلڪل منفرد بڻائي ڇڏي ٿي. مٿين نظم ۾ سونهن جي واکاڻ جا تہ درياهہ وهندا نظر اچن ٿا پر مٿرتا ۽ معصوميت سان ٿمٿار استعارا، چنڊ جو شرمائڻ، گل جو شرمائڻ ۽ مور جو شرمائڻ ۽ تشبيهون روپ ۽ رنگ، دهشت دنگ ۽ وکڙيل ونگ ڏسي ’ ايئن باسجي ٿو ڄڻ سندس شعر ڪنهن باغ ۾ تڙيل نرمل ۽ نازڪ گل هجن، جيڪي آڪاش ۾ ڇانيل ڪارن ڪڪرن هيٺان صبح جي ٿڌي هير ۾ لڏي لمي رهيا هجن.

سونهن جي حقيقت’ مجاز’ سونهن جي معنيٰ’ خيال ۽ موسيقيت ۽ مٿرتا سان پريل هي شعر ڏسو’ جنهن ۾ رڌم سان گڏ ستاءُ بہ سادو ۽ پنهنجائپ وارو آهي.

گهنگهور گهٽا وئي ڇانئجي’ جڏهن وار ورائي يار هليو
لڪ لهندڙ تنهنجي لوڏ ڏسي، ويا هرڻ ٿهي جڏهن درشن ٿيا.

پنهنجي ماحول مان چونڊي استعارن جو استعمال ڪرڻ بہ شاعراڻي خوبي آهي. هتي شاعر گهنگهور گهٽا جو ڇانئجڻ، وار ورائي هلڻ، لڪ لهندڙ لوڏ ۽ هرڻن جو ٿهڻ وارا ڀڳٽا مثال ڏيئي درياهہَ کي ڪوزي ۾ بند ڪيو آهي.

’صدا‘ جي شاعريءَ ۾ انيڪ رنگن جون انڌلنون آهن ۽ انهن سڀني رنگن ۾ هڪڙو رنگ آهي. ”ناتي نڀائڻ جو“، جيڪو سڀ کان نرالو ۽ پنهنجائپ وارو رويو آهي. جنم جنم جي ناتي کي نڀائيندي چوي ٿو:

ها توکي ڏسي ٿو خيال اچي
ڪو جنم جنم جو ناتو آ،
تون سون، سونارو تنهنجو مان
تون زيور آن، مون پاتو آ.

هتي شاعر سون، سونارو، تون زيور، مان پاتو آ جو خوبصورت لفظي تڪرار ڏيڪاريندي، اهڙا نوان ۽ بامعنيٰ استعارا ڏنا آهن جيڪي زندگي جي فلسفي کي سمجهڻ ۽ آدرشن جي حاصلات لاءِ آدميت جو شعور عطا ڪن ٿا. محبوب کي سون واري استعاري ۾ اوتي ۽ عاشق کي سونارو چئي هڪ انوکو تجربو ڪيو ويو آهي.

صدا خيالن جو شاعر ناهي پر واقعن جو شاعر آهي. هو ڄاڻي ٿو ته خيال انسان کي حقيقت کان گهڻو ڏور ڪٽي وڃن ٿا. ان ڪري هن پنهنجي شاعريءَ ۾ امن، خوشحالي ۽ تبديلي جي خواهش سان گڏ مٽيءَ هاڻن ماڻهن جا موضوع ڪتب آندا آهن. ڪالهوڪا ڪردار اڄ به سنڌ جي اتهاس ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪندي نظر اچن ٿا:

هُئا ڪالهہ چنيسر، جعفر پر، دودا دولهہ خان بہ هُئا،
ديس جو درد سڄاڻيندڙ ڪي مير منا مَهان بہ هئا،
ڪو وير وِهائي ماگر سان، رت جا ڍڪ پيري مئو،
ڪو بندر واسين للڪاري، هو سڪرنڊ منجهہ ۾ شهيد ٿيو
ڪو ڪالهہ وڙهيو تلوارن سان، اڄ صدا جو ساهُو ويراڳي آ.

سنڌ جو بيان ڪندي جڏهن ديس جي نعمتن ۽ حقيقتن کي نڇاور ڪري ٿو’ تڏهن محسوس ٿئي ٿو تہ چڻ ڌرتيءَ جو پيار ۽ سنڌ جو شان سندس روح جي تند تند ۾ تنوار بڻجي گونجي ٿو:

گدلو پاڻي جنهن پيي پيتو، امرت تنهن لاءِ آهي،
ڙي سنڌوءَ ڪير سڏائي.
دنيا جي دريائن ۾، سرواڻ سيِن جو آهي،
ڙي سنڌوءَ ڪير سڏائي

صدا جي شاعريءَ ۾ گيت، ڏوهيڙا، غزل، چوسٽا، بہ سٽا ۽ ٽيڙو تہ صرف اظهار جو ذريعو آهن. هو ماترائن، فاعلاتن ۽ فاعلات جي چڪر ۾ اڙجي نٿو بيهي بلڪ پنهنجي خيالن کي ترڇا تير بڻائي، لفظن جي نشتر سان تيز ۽ تکو ڪندو رهي ٿو.

پيون پاندن مٿان پيهون،
ڪيون ڪمزور تي ڪيهون،
پسي سي سُنب گهوڙن جا،
واقعا جيءَ جهنجهوڙڻ جا،
ڪمانون تير
تلوارون ۽ توپون بم پيڪارون،
سڪندر
آريا، عربي، ۽ گوري جو ڪرڻ وارون،
مٺي ڌرتيءَ تي غاصب جو ڪرڻ دهمان ساڳيو آ.

گهوڙا، انهن جا سُنب، ڪمزورن جون ڪيهون، ڪمانون' تير ۽ تلوارون ڪالهه جو ڪثافتون ۽ مصبيتون هيون. پر اڄ جي نيئن صنعتي ٽئڪنالاجي يعني توپون ۽ بمن جا پيڪا بہ انساني سور ۽ ڏک کي ختم ڪري نہ سگهيا. ڪالهہ بہ ساڳيا پرڪار هئا تہ اڄ بہ طاقتور جا ساڳيا دهمان ۽ دڙڪا آهن. پر صدا هتي انساني زندگيءَ جي مادي اصليت ٻڌائي' ان جي حقيقت ۽ حرمت ظاهر ڪري اهم ڳالهہ تان پردو کنيو آهي.

'صدا' کي سماج جي اجاين ريتن رسمن تي بہ اعتراض آهن برصغير جي اهم اشو ۽ سنڌ ۾ عزت جي نالي تي Honour killing ڪندڙ ماڻهن ڏانهن اشارو ڪري، ساڻن ڏاڍي حقارت ڪندي، مقصدي ڳالهہ پاڻ هرتاڻي ۽ ظاهري بي غرضيءَ سان ڪري هتي وڏي ادبي آبياريءَ جو مظاهرو ڪيو اٿس.

- ڪري يار ڪاريون نياڻيون نہ ماريو
غيرت جي نالي تي، اياڻيون نہ ماريو.
- صدا سنڌوءَ واسين جي' رسم هي نہ آهي،
سڌي پنهنجي عزت' نماڻيون نہ ماريو.

صدا لاشاري پنهنجي دور جي بدحالي، لاقانونيت، مهانگائي، انتهاپسندي، ۽ بي روزگاري کان ناخوش آهي. تنهن هوندي بہ هي بامقصد شاعر اهڙين حالتن ۽ واقعن سان مقابلي لاءِ پنهنجي قاريءَ کي همٿائي ٿو. هن

جا گهڻا شعر پيار ۽ حسن جي حصار ۾ قاتل آهن، ان ۾ شايد شعور کان وڌيڪ جواني ۽ هيجاني عمر جو لاشعوري عمل دخل هجي. پراڻن ۽ نون قدرن کي گڏ گڏ ڏيڻ ڪري، شاعري ۾ نيم ڪلاسيڪي رجحان نظر اچي ٿو. وقت، مطالعو ۽ رهبري سندس اظهار جي قوت ۾ وڏيڪ نکار آڻي سگهن ٿا. اهڙي ادبي تجربي ۽ پرورش لاءِ ڪراچي وڏو مرڪز آهي' جتي هو ڪافي سالن کان رهائش پذير آهي.

**ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو**
العابده، غريب آباد
گهر نمبر332/6، جيڪب آباد
03337335624

# ساروٽيون

گرمين جي گلشن جهڙي ضلعي جيڪب آباد ۾ هڪ آبادگار گهراڻي ۾ اک کولي تہ سمجهہ پرو ٿيڻ وقت ظاهري طور اڀرندڙ سج ڪارو پيو نظر آيو. ڳوٺ ۾ هڪڙو پرائمري اسڪول هو جتي منجهند ڏاري مدرسي کان پڙهي موٽندڙ ٻار، جيئي پٽو مردِ مومن مردِ حق ضياءُالحق جي نعرن جو مقابلو ڪنديءَ اسڪول ۾ حاضر ٿيندا هئا. اهي MRD جي تحريڪ جا ڏينهن هئا جڏهن مدرسي جي طالبن کان ڪو پڇندو هو تہ ضياالحق ڪير آهي تہ ’ سندن جواب هوندو هو تہ مولوي صاحب پيو چوي تہ ضياالحق هن وقت جو هڪ ولي ۽ مردِ مومن مسلمان آهي، جيڪو اسلامي قانون لاڳو ڪندو. تڏهن انهن ئي مولوين مان هڪ تاريخ ۽ ديني علم جو وڏو عالم مولانا عبدالحقؓ فرمائيندو هُئو تہ حلوا خور مُلن جو مٿو خراب ٿيو آهي ۽ انهن جي اعمالن جي نتيجي ۾ دجال جهڙي ضياالحق، ڀٽي صاحب کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي منهنجي خوشقسمتي هئي جو مولانا عبدالحق صاحب کان ٻين طالبن کان الڳ ٿلڳ تعليم الاسلام جا چارئي جلد پڙهيم. ان کان پوءِ مولانا نور محمد کوسي مرحوم مغفور کان فارسي جي تعليم پرائي، جڏهن مون فارسي جا ڪتاب ڪريم، نامِ حق، محمود نامہ، گلستان ۽ بوستان پڙهي پورا ڪيا تہ پرائمري تعليم پڻ پوري ڪري چڪس.

ڳوٺ ۾ مڊل اسڪول تہ هيو پر استادن جي اڻ هوند ڪري منهنجي بابي سائين مون کي ڳوٺ کان 6 ميل پري ڳوٺ عبدالغني شاهہ جي مڊل اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني.

منهنجي زندگيءَ ۾ ڇڙ تہ يڪسر تبديلي اچي وئي. صبح جو سوير سائيڪل تي ڳوٺ کان نڪري آباد زمينن جي تنگ پيچرن کان ٿيندو، بغير ڦاٽڪ جي ريلوي جو بند ڪراس ڪري' ڪچي سڙڪ ذريعي مال وند ڏنارن جون هڪلون، هوڙون ٻڌندو وڃي اسڪول پهچندو هئس. اسڪول ۾ استادن جو دادلو هوندو هئس ان ڪري ڇهين ڪان ئي اسڪول جو مانيٽر ٿيس. اسڪول جو هيڊ ماستر جناب سائين نظام الدين نوناري مون کي پٽ وانگر پيائيندو هُئو. راند روند ڪرڻ جي ڪا عادت هئي ئي ڪو نہ. رسيس دوران اسڪول ۾ استادن سان گڏ ۽ وري ڳوٺ ۾ اوطاق تي ڏاڏا سائين مير سکيو خان جي ڪچهري پيو ٻڌندو هئس. ڏاڏا سائين ۽ سندس دوست ڇڙ تہ گهمندڙ ڦرندڙ تواريخ هئا. مغليہ دور جون ڪهاڻيون هجن يا مير چاڪر خان رند ۽ مير گهرام خان لاشاري جي ويڙهہ جا قصا' سڀ انهن کان ٻڌا. ڪجهہ عرصو تہ منهنجي ٽيليويزن ۾ دلچسپي ايتري حد تائين وڌي وئي جو پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرام فهم القرآن کان وٺي فرمانِ الاهي تائين سڀ پروگرام پيو ڏسندو هئس. ان ڪري گهر ۾ اڪثر دڙڪا بہ ملندا هئا پر مان هڪ سرائيڪي "چواڻي تہ ڏاندي ڏان وڃي مين اپڻي ٽور نہ مٽيسان" پٽاندڙ پنهنجي ضد تي قائم رهيس. انجو مون کي تمام وڏو فائدو اهو ٿيو تہ اردو ٻولي آساني سان ڳوٺ ۾ هوندي ئي لکڻ پڙهڻ جي قابل ٿي پيس. جڏهن اٺ درجا پاس ڪيم تڏهن والد صاحب حاجي علي بخش لاشاريءَ مون کي جيڪب آباد جي Vocational Institute ۾ داخل ڪرايو' جتان 1987 ڌاري مئٽرڪ پاس ڪئي. ان کان پوءِ گورنمنٽ ڊگري ڪاليج جيڪب آباد ۾ فرسٽ ايئر ۾ داخلا ورتي، انهي دوران باضابطا طور منهنجو لاڙو شاعريءَ ڏانهن ٿيو' جنهن کي مون اڳ ڪڏهن بہ سنجيده نہ ورتو هو. پر حقيقت ۾ ڳوناڻي زندگيءَ ۾ شاعريءَ جو اتساهہ هڪ نوجوان مريد لاشاري کي ڏسي مليو هو. ٿيو ائين جو اسان ننڍڙن ڇوڪرن وچ ۾ هڪ ڏاڙهيءَ سان همراهہ اچي ويٺو' خبر پئي تہ هي گهراڻو بلوچستان مان لڏي آيو آهي ۽ مريد لاشاريءَ پڙهائي ڇڏي ڏني

هئي پر هاڻ وري پڙهڻ جو شوق ٿيو اٿس. ان سان گڏ اها به خبر پئي ته مڙس شاعري به ڪندو آهي ۽ ڳائيندو به آهي. پوءِ ته اسڪول ۾ آخري پيرڊ ۾ ڏاڍو مزو ٿيندو هو جو مريد لاشاري ڪو نه ڪو بر تن ڪٽي وڄائڻ شروع ڪندو هو ۽ ڳائيندو هو.

گورنمنٽ ڊگري ڪاليج جيڪب آباد ۾ پڙهائي دوران مون بابا سائين جي دوست ڊاڪٽر غلام نبي سڌائي جي صحبت ۾ رهي ڪري باضابطا شاعريءَ جو آغاز ڪيو. آئون ڪو نه ڪو غزل يا بيت لکي سائين غلام نبي سڌائي جن کي ڏيکاريندو هيس ته سائين جن منهنجي تمام وڏي حوصلا افزائي ڪندا هئا. سائين غلام نبي سڌايو جن شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ؒ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاريءَ تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي ۽ سندن ادبي پورهيو تمام اعليٰ مقام رکي ٿو. ايڏي وڏي ماڻهوءَ هڪ ڏينهن منهنجي شاعري جي تعريف ڪجهه هن طريقي سان ڪئي ته ”لاشاري تو ته هي شاعري چورائي آهي“. آئون حيران ۽ پريشان ٿي سائين جن اڳيان عرض رکيو ته. سائين ڪنهن جي شاعري چورائڻ آئون گناهه ڪبيرو ٿو سمجهان. تڏهن سائين جن وڏو ٽهڪ ڏيئي وراڻيو ته بابلا اهو به تعريف جو هڪ انداز آهي تو واقعي ڪا چوري نه ڪئي آهي.

منهنجي بابا سائين جو شوق هو ته آئون هر حال ۾ انجنيئر ٿيان، ان ڪري انجنيئرنگ ۾ داخلا به ورتي هُيم’ چو ته ڳوٺاڻي زندگيءَ دوران مون معاشري ۾ تمام گهڻو اونداهو دؤر ڏٺو هو. هڪ دفعي جو ذڪر آهي ته اسان جي ڳوٺ جي پرپاسي ۾ هڪ سيفل نالي نوجوان ٻڪريون چاريندو هو ۽ اسان جي زمينن تي لڳل ٽيوب ويل مان ٻڪرين کي پاڻي پياريندو هو آئون اڪثر ان کي ڏسندو هئس. هن جي چهري ۾ مون کي هڪ عجيب قسم جي چمڪ محسوس ٿيندي هئي. سنهڙا شهپر وڏي نڪ هينان تلوار وانگر’ هڪ خاص بيهڪ ۾ تمام خوبصورت نظر ايندا هئس ۽ هو مون کي ڏسي هڪ خاص مسڪراهٽ سان چوندو هو ته وڏيرا پاڻي ٻڪرين کي پياريان ٿو انجي اجازت آهي نه؟ ۽ آئون کلي

ڪري چوندو هئس تہ’ اهو تہ ثواب جو ڪم آهي. سندس هٿ ۾ چمڪندڙ ڪهاڙي هوندي هئي جيڪا سج جي روشني تي تجلا ڏيندي هئي.

هڪ ڏينهن جمعي جي ڏهاڙي (انهن ڏينهن ۾ جمعي تي اسڪولن کي موڪل هوندي هئي) آئون ٽيوب ويل تي بيٺو هئس، ڇو تہ منهنجي لاءِ موڪل ڏهاڙي اها ئي تفريح هوندي هئي تہ ٽيوب ويل وٽ ويهي پير ۾ ڪڪرن جي ڇانو هيٺان پيو سنسار جو نظارو ڪندو هئس، مون ڏٺو تہ پري کان هڪ ماڻهو ڊوڙندو پيو آيو. سندس پٺيان بہ ماڻهو لڳل هئا. ٻہ فرلانگ کن مون کان ڏورانهن ٻن ماڻهن ان اڪيلي همراهہ تي هلان ڪري ڏني. بس پوءِ تہ وارو وارو ٿي ويو. ماڻهو جيڏانهن ڪيڏاهن ڊوڙندا انهن ڏانهن پيو ويا. آئون بہ اوڏانهن تيز تيز وڃڻ لڳس’ جڏهن ماڻهو انهن کي قريب پهتا تہ حملو ڪندڙ پوئتي پڇڻ لڳا ماڻهن جو هجوم ٿي ويو. آئون جيئن ئي اتي پهتس تہ منهنجو دماغ هڪدم مفلوج ٿي ويو، ڇا ڏسان تہ سيفل جي حسين جواني رت ۾ رڱيل هئي. ڪو ڪهاڙين جا وار ڪري کيس ابدي ننڊ سمهاري ويو هو. ٿوري دير کان پوءِ پر واري ڳوٺ مان بندوق جا ٻہ ٺڪا ٻڌڻ ۾ آيا’ ايتري ۾ سيفل جو پيءُ ۽ ڪجهہ ٻيا عزيز روئيندا پٽيندا سيفل جي لاش تي پهتا. روج راڙي واري ماحول ڄڻ تہ سڄي ماحول کي سوڳوار ڪري ڇڏيو هو جنهن ڌرتيءَ مسڪرائيندڙ ڇهري سان سيفل پنهنجي ٻڪرين سان گڏ پيو ٽلندو هو. انهي ڌرتيءَ جو ٿي ويو. پوليس ڏي ماڻهو ڊوڙايو ويو ڇو تہ انهن ڏينهن ۾ ڳوٺن ۾ ٽيليفون وغيره جو ڪو بندوبست نہ هو. ٽاٽو ويهارو ڪلو ميٽر پري ٺل شهر ۾ قائم ٿيل هو. ڪچي سڙڪ هوندي هئي. بهر حال پوليس کي اطلاع ڏيڻ وارو همراهہ اجان ٺل شهر پهچڻ وارو مس هو تہ 52 ماڊل جي خاڪي رنگ جي جيپ تي پوليس وارن ان ڳوٺ جو رخ ڪيو اطلاع ۾ ڏيڻ واري شخص کي مليا. هُن اشارو ڪري جڏهن پوليس کي روڪيو تہ پوليس وارن پنهنجي انداز ۾ پڇيو تہ’ ڇا مسئلو اٿي. هن وراڻيو تہ ڳوٺ چوڪ لاشاري پرسان هڪ خون ٿي پيو آهي’ پوليس علمدار وراڻيو اڙي خبر آهي سيفو جي ڳالهہ پيو ڪرين نہ؟ هن ڪنڌ ڌوڻي هائو جو اشارو ڪيو تہ وري

پوليس واري وراڻيو پرايو لوڙهو لتاڙيو اٿس. هن بہ تہ پنهنجي ڌيءَ ماري آهي ’ يلاڪو پنهنجي مٿان اهڙو الزام يا قتل جو ڦندو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندو ڇا؟ بهرحال ان ماڻهوءَ سوڌو پوليس سيفل جي لاش مٿان پهتي تہ’ اتي ڪراڙي ماءُ بيهوش سيفل جي لاش جي پير ۾ پيل هئي. ائين پئي لڳو تہ هيءَ بہ ڄاڻ ڏٽيءَ حوالي ٿي.

اصل ماجرا اها هئي تہ شعبان نالي همراهہ پنهنجي ڌي کي سيفل سان ڳالهائيندي ڏسي ورتو هو ۽ ان ڳالهائڻ واري گناهہ بہ حسين نوجوان حياتون کسي ورتيون هيون. شعبان گرفتاري ڏني پر راڄوٽي انڌي قانون مطابق، جيڪڏهن سيفل جا وارث ڪيس جي پيروي ڪن ها تہ وڏيڪ ڏنڊ ڇٽيون پرٽيون پون ها. پر هنن ڪجهہ نہ ڪيو ائين ڇهن، اٺن مهينن کان پوءِ شعبان آزاد ٿي، شهپر وٽيندو گهر پهتو ۽ سيفل جا پاٿر ان ڳوٺ مان لڏي وڃي ٻيو علائقو وسايائون.

جيءُ جهورينڌڙ هڪ ٻيو واقعو بہ پڙهندڙن لاءِ عرض رکان تہ منهنجي مائٽن جي هڪ ڳالهہ آهي تہ هڪ گهرم ڇوڪري پيدا ٿي. سندس والد جي چاچيءَ لاڏا ڳائڻ شروع ڪيا’ هي انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن آئون پرائمري پڙهندو هئس. ڪنهن پڇيس تہ اڙي مائي ڇو پئي لاڏا ڳائين تہ وراڻيائين تہ ادا مبارڪ هجئي منهنجي ننهن پيدا ٿي آهي، هاڻي آئون ارسلان پٽ جا لاڏا پئي ڳايان. پڇندڙ الهرکيو نئين ڄاول ڇوڪريءَ جي گهر پهتو ۽ چيائين تہ فلاڻي مائي لاڏا پئي ڳائي، هي کهڙو کلور ڪيو اٿو. ارسلان جي منهن تي ڏاڙهي آهي ۽ هي معصوم. اهو جوڙ ڪيئن نهندو. تہ ڇوڪريءَ جي ڏاڏيءَ وراڻي ڏني تہ معصوم کي گار تہ ڏني اٿن، هاڻي آئون کهڙن جرڳن لئي ڇوان هونئن بہ انهن جو سڱ پيٽ اسان ڏي رهندو آهي.

”جيڪي نياڻيءَ جا نصيب“

وقت گذرندو رهيو. اها ڇوڪري ٻارنهن سالن جي مس ٿي تہ. ارسلان جي ماءُ پنهنجي وڏي پٽ سان گڏجي شادي جي تاريخ وٺڻ اچي پهتي. ان زماني ۾

آئون گريجوئيٽ ٿي چڪو هئس. برادريءَ جي پڙهيل لکيل ماڻهن احتجاج ڪيو ته هن جاهلاڻي قدم کڻڻ کان پاسو ڪريو. چو ته ارسلان جي ڏاڙهي سفيد ٿي چڪي هئي ۽ نسوار کائڻ جي ڪري ڏند به پيجي چڪا هئس. بس ان حوا جي ڌيءَ، نصيبن جي ماريءَ کي جيئري جهنم جي حوالي ڪيو ويو. جيڪا اج تائين عذاب واري زندگي گهاري رهي آهي.

ان ڳوناڻي ماحول کان هاڻي تائين' آءَ زندگيءَ جا انيڪ روپ ڏسي اج وڪيل هجڻ جي ناتي، هر بري عمل تي پنهنجي وس آهر احتجاج رڪارڊ ڪرائيندو پيو اچان. پوءِ اهو ڪنهن پٽيشن جي شڪل ۾ هجي، اخباري مضمون جي صورت ۾ هجي يا وري ڪا شاعري جي صنف هجي.

**صدا لاشاري**
301 صابري منزل، 98
مارسٽن روڊ، ڪراچي

# غزل

# دعا

اي خدا هر سال نئون تون عظمتن جو سال ڪر،
نَونِ جذبن، ولولن ۽ جِهتَن جو سال ڪر.

عرض تنهنجي در تي آهي، منهنجو اي ربِ ڪريم
مخلوق اشرف جي ڪيئي، پوءِ ڪر عملن ۾ عظيم
آمين! اعوذ باالله من الشيطن الرجيم.
آشتي امن سندي تون سائتن جو سال ڪر.

عرض تنهنجي در تي آهي منهنجو اي ربِ جليل،
ڏي ڏات تون انسان کي سوچي سدا سهٽي دليل
جو برو سوچي ڪري ڇڏ تنهن عنصر کي عليل،
نَون عظمن، حوصلن ۽ همتن جو سال ڪر.

عرض تنهنجي در تي آهي منهنجو اي رب ڪمال،
ڏي رزق انسان کي تون جيڪو ڪيو تو آ حلال
علم جي دولت سَندا، مسڪين مارو ڪر نهال
سوچ مُثبت ڪر "صدا" چئي جرئتن جو سال ڪر.

❈

مولا جي آهي منڊلي، ڪردار آهيان مان
لوح و قلم لکي جو، اداڪار آهيان مان.

جنت ڪان مان ڏِڪاريل، پوءِ سڀ ڪجھ سيڪاريل،
ابليس عداوت سندو شڪار آهيان مان.

ٻڌي پيو سڏايان، گيتا جا گيت ڳايان
ٻُت، باھ جو پڄاري بدڪار آهيان مان.

فرعون وَ نمرود، قصريٰ ۽ ڇا سڪندر،
شداد جي جنت جو جمعدار آهيان مان.

نبين جو مان نياپو، ولين جي مان ولايت،
مذهب جي محبتن سان ٿمٿار آهيان مان.

سقراط ٻڌجي پيالو ڪلي زهر جو مون پيتو،
منصور سندي سوليءَ جو سينگار آهيان مان.

اِيَّاکَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاکَ نَسۡتَعِيۡنُ
“صدا” سخيءَ جو منگتو، گنهگار آهيان مان.

نظر سان ناز جو رشتو، سخن سان ساز جو رشتو،
محبت جو سچائيءَ سان عجب انداز جو رشتو.

بدن جو روح سان رشتو ٽُٽي برپا ٿئي ماتم،
مري ڪردار ماتم ٿئي جُڙي ڪو راز جو رشتو.

رهي رب جي رضا تي خوش، اهوئي خوشقسمت آ،
خواهش جو خوشي سان آهه، چڙي ۽ باز جو رشتو.

پلي ڪيڏي ڪجي خيرات غربت پوءِ به رهٽي آ،
جُڙي جيسين نہ عدل انصاف جي تاراز جو رشتو.

عقل ۽ فهم کي ثابت ڪري سگهبو تڏهن آهي،
دليلن جو دِلن سان جي جڙي دمساز جو رشتو.

“صدا” سوچي پيو ٿڪجي نہ رمزي رَمز چا جوڙي،
صمد برحق، صنم جو چو جڙيل بت ساز جو رشتو.

❋

□

ليڪا ڪين نہ ڪبا هِن پنهنجي ڀائرن ساڻ،
پنهنجي ڀائرن ساڻ، امڙ ڄائِرن ساڻ.

جن سان لوليءَ جو ناتو، ٻاتِي ٻولي جو ناتو،
هڪڙي هنج ۾ ٿج پيئڻ وارن ساڻ.

جيڪي عيوضين پورا، ڏک ۾ ساٿي سمورا
هڪ ٻئي جا بار ڪُلهن تي کڻڻ وارن ساڻ

ڀائر ڀيڻ جي جان، دشمنن لاءِ ڌهمان
اڙيءَ ويل آڏر ٿيڻ وارن ساڻ

"صدا" ڀائر طاقت، رهي ساٿ سلامت
آباد دل جي دنيا آهي يارن ساڻ

*

□

درد دل جا پراڻا ياد ايندا ويا
مونکي ڪي دوست اياڻا ياد ايندا ويا.

هئا جي دوست دلارا، پرين هئا پيارا
ڪري جدائي ويل راڻا ياد ايندا ويا.

ساڳ سرهن جو پَلي هئي چڙهيل چُلھ تي
سويل صبح مکڻ چاڻا ياد ايندا ويا.

منصور چڙهيو سوليءَ، ڪڏهن سورهيہ شاھ،
بلاول لئہ بڻيل گهاڻا ياد ايندا ويا.

"صدا" جو ساھ آ ساڻو سانوڻي مند ۾
ڪيا هئا محبوب جي ماڻا ياد ايندا ويا.

❊

ها پٽڪيل روح آ منهنجو ڪاچي، لاڙ ۽ ٿر ۾
زمانن کان رُلان ٿو پيو، پرين جي پار جي تر ۾

جواني شوخ چنچل جا هوائن ۾ هڳاءَ آهن،
سنڌوءَ جي ساڏيلي ۾ ورايل وار ڪنهن ورَ ۾.

ٿاهيو ڪو محل مومل هو اجا تائين ڪاڪ پيو سڏجي
پرين جو عشق آتو آ، چندن چاراڻ جي چرَ ۾.

ڪئي ڏيرن وڏي ويڌَن ڪٽي ويا پيار هڪ پل ۾
پنهون پهتو سسئي ساميءَ پئي ٻڪرار جي ڏَر ۾

آهيان مان لج مارن جي پائي پهراڻ ڇا جاٽان
نہ ڏي لالچ لباسَن جي، آهيان خوش پالَوا پڙ ۾.

ڏنم نوري نماڻيءَ کي گهمي گندرن جي ويڙهي ۾
تماچي جي لڏي ٻيڙي ۾ ٽيل ٽمتار ڪينجَهر ۾

ها جوڳي هان، مان روڳي هان، ازل کان سنڌ جو سامي
"صدا" آهيان، سدا رهندس سنڌوءَ سنسار جي سَر ۾

❊

پرينءَ سان راز جو ڳالهيون ۽ پنهنجي پيار جون ڳالهيون
ڪڏهن انڪار جون ڳالهيون ڪڏهن اقرار جون ڳالهيون

ڪارونجهر تي ڪڪر ڪارا، هٽن پيا نينهن جا نعرا
ڪچي مٽي پئي ٻهڪي، ڪري وسڪار جون ڳالهيون

عشاق جي اوطاقن ۾ مومل جي ڪاڪ جا قصا،
ستل سومل ڏسي، ڪٽ تي پليل پوتار جون ڳالهيون.

اماوَس راتڙي چنڊ جو تماشو خوب ڪينجهر ۾
اٿوَ نوري نہ ڪوئي چنڊ، ڪيل ڪن چار جون ڳالهيون

ڪيو جو ڏَم نہ آيو ڪم محبت پوءِ بہ ماٽي سُون
سنڌوءَ جي سير ۾ سهٽي، مٺل ميهار جون ڳالهيون.

ڪٺو، رياست چيو نازڪ، آٽيو اقبال "باليءَ" ڪي،
"صدا" حيرت زده ٿي پيو ٻُڌي سرڪار جون ڳالهيون.

❊

امیدون منھنجون وِيون لھرن ۾ لٿجي
تمنائون دل جون، لڙھي ويون لُڙھي ويو.

اميدن جا جيڪي اڏيم آستانا،
صدائون سميٽي گُذر ڪيم زمانا.

اھي سپ صدائون نہ مون راسِ آيون
گل دل جون پکڙيون ٽِڙي ويون ٽِڙي ويون.

ٻٽيا اشڪ درياءَ سيلاب پاٽي،
رھيو پيار پنھنجو اڌوري ڪھاٽي

نہ منزل رسياسين، صنم جا نہ ٿياسين
جواني جو سورج لَڙي ويو لُڙي ويو.

احرام جيڏا ڪي ارمان منھنجا
ڪڏھن محب ٿيا ڪين مھمان منھنجا

نہ مقبول منھنجون دعائون ٿيون ڪي
حسرتون "صدا" جون سڙي ويون سُڙي ويون.

❊

اتساهه ڏيندڙ اکڙيون، سينو سُپر سڄڻ جو،
واعدو ڪيون وڃي ٿو ٻيهر وري اچڻ جو.

وارن جا وار واري، هر هر ڪلي ڪيڪاري،
سيني سان پئي لڳايو، ورجاءُ ڪري وچن جو.

ارڏي عجيب سهٽي دَر دَر ڪيا ديوانا،
ماريو ڇڏي نظارو ڳلڙن تي خم پوڻ جو.

محبوب گل مثل آ، پنورن ڪي جهل نہ پل آ،
ڇهري تي ماڪ اهڙي، شبنم پتين تي ڇڻ جو.

❊

□

دل ڏنم توکي مٺا، ڇو ٿو رئارين خامخا،
پيار جي بدلي ۾ مونکي ٿو آزارين خامخا.

پيار جيان انمول موتي ٻيو نہ کو ٿي ٿو سگهي
انمول مايا کي مٺا ڇو ٿو ڌڪارين خامخا.

پيار ازلي، پيار ابدي، ابتدا ۽ انتها،
ٿو آدميت جو اَمر عنصر مِٽائين خامخا

پيار ۽ ڀاٻوھ جي پرچار کن سيئي ڌرم،
دين فطرت جو چيو ڇو ٿو موٽائين خامخا.

آ "صدا" جو ساھ تو ۾ مڄ کٽي محبوب تون
نھ نھ ڪري ھرپل مٺا ڇو ٿو نٽائين خامخا.

❊

□

ڳالهہ مُنڊيءَ تي ٽِڪ برابر
تنهنجي نہ ساڳي سِڪ برابر.

ناز اکين تي نخرا ماٽا
ڏسي نہ مونکي لِڪ برابر.

ڏور رهي ڪيئن جي سگهندس
دل تي هلي نہ هِڪ برابر

اڳ تہ مون سان جيءُ جڙيل هئي
بيهين نہ ٿو هاڻي پِڪ برابر

سور صدا چئي ٿي ويا سوايا
ڏار ڪيَوَ ڏيئي ڏِڪ برابر

ڳالهہ منڊي تي ٽِڪ برابر
تنهنجي نہ ساڳي سک برابر

❊

□

ڪڏهن واءَ پاٽيءَ، ڪڏهن مينهن ٻوڙيو
اسان محب هر دؤر ۾ آهي لوڙيو.

افغان، ارغون، ترخان، تُرڪَن،
ٻٽيا غيبي غاصب جن پوءِ جيءُ جهوريو.

سڪندر جو لشڪر ته آريا ٻه آيا
۽ نادر شاهي نياڳن نهوڙيو.

ٽين پاٽي پورو ته چوڙي چڏيائون،
نه هو پيٽ سنڌوءَ جو واريءَ ولوڙيو.

گهرون حق ٿا جي چون سامراجي،
اهي ديس دشمن سندن ڪنڌ مروڙيو.

ڪڍي گئس ڪائن ٿا پيٽرول پنهنجو
بچي شال ڪوئلو، "صدا" چئي ٽريڙيو.

❊

□

اڙي چنڊ تون ڇو شرمائين ٿو، اڙي چنڊ تون ڇو شرمائين ٿو،
منهنجي يار جو روپ ۽ رنگ ڏسي تون پنهنجو پاڻ جلائين ٿو.

اڙي گل تون ڇو شرمائين ٿو، اڙي گل تون ڇو شرمائين ٿو،
منهنجي يار جو نازڪ انگ ڏسي تون پنهنجو پاڻ جلائين ٿو.

اڙي شينهن تون ڇو شرمائين ٿو، اڙي شينهن تون ڇو شرمائين ٿو،
منهنجي يار جي دهشت دنگ ڏسي تون پنهنجو پاڻ جلائين ٿو.

اڙي مور تون ڇو شرمائين ٿو، اڙي مور تون ڇو شرمائين ٿو،
منهنجي يار جا وِڪريل وَنگ ڏسي تون پنهنجو پاڻ جلائين ٿو.

اڙي سج تون ڇو شرمائين ٿو، اڙي سج تون ڇو شرمائين ٿو،
منهنجي يار جو تاءُ تونگ ڏسي تون پنهنجو پاڻ جلائين ٿو.

اڙي لوڪ تون ڇو شرمائين ٿو، اڙي لوڪ تون ڇو شرمائين ٿو،
هڪ "صدا" ڪي يار سان سنگ ڏسي تون پنهنجو پاڻ جلائين ٿو.

❊

بسم الله محبوب توکي، بسم الله ڙي جاني،
آئين هلي قرب ڪري تنهنجي وڏي مهرباني.

لبڙا تنهنجا لال گلابي، ڏندڙا موتي اکيون شرابي،
ڀِرون ڀالا يار تنهنجا پُرڪشش پيشاني.

پيار آ تنهنجو نيل برابر، تنهنجي جدائي جيل برابر
ڪائڻ پيئڻ ويو آهي وسري زهر ٿي آ زندگاني.

پيار آ پنهنجو اهڙو ساجن، تون منهنجي هير مان تنهنجو رانجهن،
جوڳي آهيان جاني تنهنجو، مان مريد تون هاني.

جدائي تنهنجيءَ ۾ جان جلي ٿي، دل تي منهنجي هڪ نه هلي ٿي،
مل مٺا محبوب مون سان ڪر ختم پريشاني.

"صدا" جو ساهه آ تو ۾، چاڪ دل جو چاهه آ تو ۾،
مان مران محبوب تو لاءِ لوڪ کي ٿئي حيراني.

❊

کِل سهڻي، کِل سهڻي، کِل سهڻي کِل،
توکي کلندو ڏسي منهنجي ڌڙڪي ٿي دِل.

هلين تون هزارين ٿا بيهي ڏسن،
ٿِلين ٿور نخلريلي هرڻي مثل.

اکيون اهڙيون مولا ڪيون ٿئي عطا،
ڪلاشن جيان برسٿ هَنيو ڪن قتل.

تنهنجا ڏند موتي، تہ لبڙا گلاب،
پون خم ٿا ٻگلڙن تي مُرڪڻ مهل.

پري وچ نہ مونکان تون هڪ پل "صدا"،
لڳي سال مونکي ٿو پري ٿيڻ پل.

❇

رات يار اڱڻ آيو قرب ڪري، ويا سُور لهي جڏهن درشن ٿيا،
پري پيار منجهان مون کي محب ڏني، محبت جي مهي جڏهن درشن ٿيا.

هوش ڀلي ويا دانشور منهنجي جانيءَ جو مُک ماهه ڏسي،
ڪنهن ڏاهي ڇيو تنهنجي درڙي تي، آيو قمر ڪهي جڏهن درشن ٿيا.

جنهن جي جلون جا ٻيلي جوش ڏسي حورن ڀي هوش وڃايا هئا،
چنڊ کي تہ ڇڏي هئا چڪور آيا، منهنجي در تي لَهي جڏهن درشن ٿيا.

گهنگهور گهٽا اُڀ تي ڇانئي جڏهن وارَ ورائي يار هليو،
لک لهندڙ تنهنجي لوڏ ڏسي، ويا هرڻ ٿهي جڏهن درشن ٿيا.

هر مرض جي آهي يار دوا، جيڪو ٻہ ڏسي خوش ٿي ويندو،
ويني محفل ۾ هڪ ويچ ڪئي، اها ڳالهہ سهي جڏهن درشن ٿيا.

ساراهہ سڄڻ جي لاءِ ڀلا ڪٿان لفظ آڻي مسڪين "صدا"
جذبات سيئي منهنجي دلڙي ۾، ويا آهن رهي جڏهن درشن ٿيا.

❇

□

تنهنجي پيار جي اي پيارا مونکي ضرورت آهي،
تنهنجي مٺڙي مسڪراهٽ جي مونکي ضرورت آهي.

گهنديون گهمائي منهن تي ڇو ٿو نهارين مون ڏي،
ڪلنڌڙ ٻڳلن تي خم جي مونکي ضرورت آهي.

توپن اڳيان مجاهد نعرو اهو هنيو ٿي،
سِر جي نہ پر وطن جي مونکي ضرورت آهي.

هر دؤبسم الله الرحمٰن الرحيم ر جي عاشق جي هيءَ التجا رهي آ،
ڏن جي نہ پر صنم جي مونکي ضرورت آهي.

حياتي ”صدا“ جيءَ ۾ بَس تنهنجي مٺا ڪمي آ،
مُئي ڪان پوءِ ڪفن جي مونکي ضرورت آهي.

❊

□

هاءِ! دل جي لاءِ مان دلبر کٿان آڻيان،
سختيون سهڻ لاءِ ستمگر کٿان آڻيان.

اکڙين منجهاران مينهن، رخسار تي وسي پيو،
پر دل تي وسڻ وارو مان ککر کٿان آڻيان.

کو ٻه نه رهيو آهي قدر شريف جو هاڻي،
مَڪّار ٿيڻ لاءِ مان مکر کٿان آڻيان.

ڪاش! سچائي ٿئي هر دل تي شهنشاهه،
افسوس مان اهڙو ڀلا اثر کٿان آڻيان.

اوندهه ۾ مان چراغِ وفا کي جلايان ٿو،
"صدا" ڀلا هن وقت مان سحر کٿان آڻيان.

❊

□

دردِ دل، درد چوان يا درد جو درمان چوان
پياسِ دل، پيار چوان يا پيار جو پيمان چوان.

ڪنهن جي اکڙين جا لڳا ڪي تير ترچا دل مٿان،
تن اکين تير چوان يا تير جو ڪمان چوان.

بشري بنياد نہ هو، عشق اَمر ٿيو اڳ ۾،
سو عشق نور چوان، يا جُزو انسان چوان.

صرف مون ڪان ئي نہ ٿيو، عشق ڪيو پاڻ خدا،
سو عشق لطف چوان، يا لطف جو سامان چوان.

ڪنهن جا قرب ڏسي ٿي ويو حيران "صدا"
سو قرب قرض چوان يا يار جو احسان چوان.

❊

□

خزان هئي مون بهار سمجهو مگر نہ سوچيو هو،
مون تو سان جو پيار ڪيو هو مگر نہ سوچيو هو.

اشاري ابليس جي تي ڪيئن نہ حضرت آدم،
خطا ڪي سِر تي ڪنيو هو مگر نہ سوچيو هو.

قيس نالي ڪي گنوائي مجنون ٿيو مجبور،
هُو ليلا جي عشق اڙيو هو مگر نہ سوچيو هو.

مون ڏنائين سامهون تڏهن بہ ابو لهب،
پنهنجي ضِد تي هِي رهيو هو، مگر نہ سوچيو هو.

سيئي شاعر پڙهيا لکيا آهن داستان درد،
”صدا“ بہ غزل پڙهيو لکيو هو مگر نہ سوچيو هو.

❊

□

چا آهي هيءَ زندگي اي دلربا؟
تجربا، در تجربا، در تجربا ...!

ماءُ پيٽئون ڪين ٿو ڪوئي سکي،
وقت هر ڪنهن جو وڏو استاد آ.

جو نہ سمجهي سوز ڪي سياڻو نہ آهہ،
نادان جي واهہ نہ چئجي داد آ.

ميدان ۾ پوندي آ جوڏن جي خبر
ملهائي جنهن نہ مهل سو برباد آ.

هر دؤر ۾ شاعر رهيو زنده "صدا"
ڀِٽ ڏٽي، سرمست، اياز استاد آ.

❊

□

اسان پنهنجي يارن جي ياريءَ ۾ پورا،
کيل پاڻ پيدا، خواريءَ ۾ پورا.

ڪڏهن ريل گاڏي، ڪڏهن بيل گاڏي،
۽ ڪڏهن جهازن، جي سُواريءَ ۾ پورا.

ڪڏهن ڪيون رقيبن سان رهاڻيون،
۽ ڪڏهن دلربا جي، دلداريءَ ۾ پورا.

ڪڏهن دل جي ڌڙڪن الاءِ ڇا گهري ٿي،
ڪڏهن آهيون ٿينڪ يو ۽ ساريءَ ۾ پورا.

"صدا" ڇئي حياتي آهي چار ڏينهڙا،
اسان پنهنجي منزل جي تياريءَ ۾ پورا.

❊

□

ڪري يار ڪاريون نياڻيون نہ ماريو،
غيرت جي نالي تي، اياڻيون نہ ماريو.

سچا ڪوهين ڪارا پٽاندڙ ئي پاڙهي،
ڳئون پُڇ ڪاري چئي تاڙيون نہ ماريو.

ڀلا ڪنهن بہ سردار ماري ڪا پنهنجي؟
سندن ڇُرچ تي پنهنجيون ٻارڙيون نہ ماريو.

پڙهائي، لکائي وڏو ڪيو اَدين کي،
جهالت جي جهنم ۾ جوانڙيون نہ ماريو.

آهي نياڻي رحمت چيو مصطفيٰ ﷺ آ،
نبين جو نياپو، چواڻيون نہ ماريو.

”صدا“ سنڌو واسين جي رسم هي نہ آهي،
سڏي پنهنجي عزت نماڻيون نہ ماريو.

❊

□

محبت نہ ليکبي آ، محبت جو حساب ڪهڙو؟
محبت تہ لاجواب آ، محبت جو جواب ڪهڙو؟

محبت تہ پروسو آ، محبت نہ وسوسو آ،
محبت يقين آهي، محبت ۾ خواب ڪهڙو؟

محبت تہ لازوال آ، محبت ۾ ئي ڪمال آ،
محبت جو مقام اعليٰ، محبت ۾ سَراب ڪهڙو؟

محبت تہ محترم آ، چيل هر زمان زمن آ،
محبت عروج آهي، محبت جو محراب ڪهڙو؟

محبت سچو سمنڊ آ، محبت ئي سج چنڊ آ،
محبت جو مٽ نہ ڪوئي، ماڻهو مهتاب ڪهڙو؟

محبت ”صدا“ سمورو، محبت ”صدا“ جو سائين،
محبت حيات آهي، محبت جو ڪتاب ڪهڙو؟

❊

□

او صنم، او صنم، او صنم
ڪرين پيئي ستم، ڇو صنم؟

مڪلي جي منڙي تنهنجو گلابي بدن،
پيرن ۾، پايل ڪري، ڇم ڇم.

وڏا ڏينهن ٿي ويا ڏٺو ڪو نہ توکي،
جدائي ۾ جاني نڪري پيو دم.

”صدا“ ويو جدائي ۾ جُهري ائين جاني
تورا بورا ۾ جيئن ڪِريا ڪيئي بم.

❋

□

نالي الله جي مٺا منهن ڏيکاريو،
تتل دل جي ڌرتي ، تنهن کي تہ ٺاريو.

اوهان وڏو محب ماري جي وڇوڙي،
مِلي ڪيو ڪچهري ڪَتيءَ کي اُپاريو.

جڏهن ٿِي جدائي ڪارو ويس پاتم،
آ ماتم ۾ مَنڙو، لڳي سيني ٺاريو.

ٻڌي پئي هي ٻيڙي نزع جو آ عالم،
اوهان جي آ مرضي ٻوڙيو يا تاريو.

آهي ساهہ سوگهو "صدا" جو اوهان وٽ
آهيو يار مالڪ جياريو يا ماريو.

*

□

ڏسو صورت، ڪٽي سيرت سنڌ جون سورميون سھٽيون،
سسئي، سورٺ، مٺي مومل، ٽري سپ مورٽيون سھٽيون.

نماٽا ناز نوريءَ جا تماچي جام کي پائنيا،
رهيون سي راٽيون پوئتي، پايون جن چولڙيون سھٽيون.

ڪٽي جو ٽيانگ بختاور پاڙيو پوتار للڪاريو،
امرُ ٽي وئي آ هارين جون سندس لاءِ ٻولڙيون سھٽيون.

ٻائي جيوٽي، پلي پاڳي، زرينا ديس جون ديويون،
ڇيا جن سنڌ جا سهراء سندن سپ لولڙيون سھٽيون.

ڏنو جنھن ديس تان دمڙو سا بيبي بينظير آهي،
سندس تربت مٿي دعاگو رهن ٽيون ٽولڙيون سھٽيون.

پنھنجي پَر ۾ امر سنڌو، ۽ عرفانہ يا رخسانہ،
پيون ڏوهين کي للڪارن "صدا" سي ڏولڙيون سھٽيون.

❊

□

پلا يار ڪامورا بيڪار ماڻهو
ٿئين ڇو نہ اڙين جو آڌار ماڻهو؟

چواٽي ۾ تون سچ جو سردار آهين
رتيون تو ۾ سچ جون نہ ٻہ چار ماڻهو.

ٺلهن آسرن تي رهائين رڳو ٿو
ڪرين ڪم ٿڪي جو نہ مهندار ماڻهو.

ٺاهڻ وارو ڪو ڪم ڪري ڪين نہ ڄاڻي
ٺهيل ڪم وڃائڻ جو ٺيڪيدار ماڻهو.

“صدا” جي دعا آ پلا ٿيئي پلائي
توڙي جو اسان لاءِ تون آزار ماڻهو.

❊

# متفرق اصناف

# المياتي تواريخ

هجر ۾ مئا کي ۽ مَرندا رهن ٿا
مصر ۾ بہ ماريا ئي رهندا رهن ٿا
اسرائيل، عربن جي تاريخ اهڙي،
مؤرخ ۽ ڪاتب بہ لکندا رهن ٿا،

هي اتهاس آهي پراڻو پِريَن جو،
فرعون، هارون، مُوسيٰ مِڙين جو،
ڪنيا نيل پاڻيءَ پٿر ڪيڏا ڪيڏا،
صحراءِ منجھ احرام جڙيا جبل جيڏا،
ماهرِ بشريات سڀ حيران رهن ٿا.

ابن خلدون ارپيو نظريو شهر جو،
تمدن، تاريخ، بحر جو ۽ بر جو،
عمراني باني وري پوءِ بہ پيا ٿيا
ڪومٽي ۽ ڊرخائيم پڙهايا وچن ٿا،

هي برما ۾ جيڪا ٻريل باھ آهي
ليبيا ۾ نہ ڪا ٻيي ٽريل باھ آهي
عراقي مرن ٿا، ايراني مرن ٿا،
سَرِشام، شامي پٽيندا رهن ٿا.

آ دستور جيڪو ڏنو رب مولا!
ٿيل حل تنهن ۾ سڀئي سوال سولا،
منشور اِن تي ٿهيو ملڪ منهنجو،
پر وڏا پاءُ ننڊن ڪي ڪٽيندا رهن ٿا.

هي موهن دڙي جا مالڪ موچارا،
ٿري، لاڙ واسي ۽ ڪاڇي جا پيارا،
پليڪار تن ڪيو سين ڪي سدائين،
ڪولاچي ويئي بڻجي ڪراچي جي چانوٽي،
"صدا" ان ۾ سنڌي ويڳاڻا رهن ٿا.

# ادا انسان ساڳيو آ

حوا، آدم ٻہ ساڳيا هئا. ادا انسان ساڳيو آ
ٿيو هابيل سو ساڳيو، ڪيو قابيل سو ساڳيو
جبلت رت جي رشتن جي، نہ ڳولهيو
پاڻ پاڻي ۾،
رَت، رُت جو رشتو،
آسمانن ڪان ڌرتي تائين،
هر انومان ساڳيو آ.

جسم حيوان ڪي ٿئي جو ڇيد، آهي رنگ رت جو ڳاڙهو
ڪنبي حيوان پسي سردي، لڇي تنهن پَل جڏهن گرمي،
ٿئي ٿي تند هاٿي جي، مري ٿو مُند تي ماڻهو،
جيئڻ سڀ
جاندارن جو، مرڻ جو مام ساڳيو آ.
پيون پاندن مٿان پِيهون،
ڪيون ڪمزور تي ڪيهون،
پسي سي سُنبَ گهوڙن جا، واقعا جيءُ جهنجوڙڻ جا،
ڪمانون، تير تلوارون ۽ توبون بم پيڪارون،
سڪندر، آريا، عربي ۽ گوري جو ڪرڻ وارو،
مٿي ڌرتيءَ تي غاصب جو ڪرڻ دهمان ساڳيو آ.

سدائين ميٺ محبت جو ڏنو سبق درس ڏرمن آ،
ڪيئي فرقا ٿيو انسان، ويڙهايو پنهنجي ڪرمن آ،
خدا جي نظر ۾ بندو، هتي عجمي ڪو جرمن آ،
آهي خلقيو خدا سڀ کي، نہ سمجهي ڪو
پنهنجي ربّ کي، هر هڪ ڪري پيارو،
هٽي ڪو نينهن جو نعرو، مؤحد جو ۽ منڪر جو
جو صداقت جو، ڪرامت جو، الله رحمٰن ساڳيو آ.

ازل کان اُبد تائين جو وهيو ۽ واپرايو ويو،
تڙيو جنت کان آدم ويو،
موسيٰ فرعون پاليو هو، وري ڪنهن ڊارون پنهنجو
قصو ڪوڙو سڻايو هو، مڇي ٿو ڪو، ڪُڇي ٿو ڪو،
لُچي ٿو ڪو، پُڇي ٿو ڪو،
سوالن جو جوابن جو جڙيل جريان ساڳيو آ.

ڪروڙين سال ڌرتي جا، جُريل اتهاس سان آهن
ڪيئي آيا، ڪيئي ويئڙا، انهيءَ احساس سان آهن
چون ٿا جِت جبل آهي اتي ڪڏهين سمندر هو،
ڪيئي رڻ پٽ ٿيا آباد، جيڪو آب اندر هو،
تغير جي کهاڻي جو "صدا" سامان ساڳيو آ.

# واڪاڻ

تنهنجي حُسن جو هر هنڌ هُل سهڻا،
تون آهين گلاب جو گل سهڻا...!
تون هلين ته ٿين حيران لکين،
ڪٿي بيهين ته ٿين ميزبان لکين،
خاموش ٻڌن فرمان لکين،
چپ چورڻ جي ڪر بس چُل سهڻا.
تنهنجا روز ملڻ جا مام نوان،
تنهنجو قرب ڪري قتلام نوان،
تنهنجي در تي هٽڙ پيا هام نوان،
آهيون ملڻ تنهنجي جي مُل سهڻا
چوي "صدا" جڏهن ساماڻو آ،
تنهنجي رمز ۾ روز نماڻو آ،
هي منڙو موتيءَ داڻو آ،
چوي شهر سچو پيو ٿُل سهڻا.

# تواريخ هڪ آئينو

اسين سڀ درد جا ماريا، برهه بي درد جا ماريا
سيئي پنهنجا پراوا اڄ، فراڊي فرد جا ماريا

محبت جا نرالي هئي، اها ٿي وئي نرالي آ،
تخم ترهو ويو وندڀجي، بچي باقي پلالي آ،
ڪري جو ديس سان ڌوڪو، اهو ڪهڙو حلالي آ،
سياست اڄ جي نيتا جي، رڳو ڌن لئه دلالي آ،
رهيا مسڪين ئي ماڻهو، سياست گرد جا ماريا.

ڪنهن کي درد پنهنجن جو، ۽ ڪنهن کي درد غيرن جو،
نه ڪنهن کي سوچ فلاحي، اتن بس اولو ويرن جو،
جاڳن راتيون جيڪي ساريون، ستل آهن سويرن جو،
سچي سپني ڪان پاسيرا، اتن بس اير ڦيرن جو،
ٿي ويا مڪار کي ماڻهو، گروهي گرد جا ماريا.

چيو جيڪو پٿائيءَ ڪالهه، اڄ نه ڳالهه ساڳي آ،
سَسُيُون اڄ نه ستايل هن، پُنهل نه پيراڳي آ،
سِڪي ٿي اڄ جي مومل، راڻل وِهه ويراڳي آ،
پرين جي پيار جي ديوي، "صدا" ڪاٿي ستابي آ،
مڙئي ارمان ماين جا، آهن بس مرد جا ماريا.

# ڏوراپو

مطلبي مٺا تون صفا بدلجي ويو آن،
بدلجي ويو آن، صفا بدلجي ويو آن.

توسان پيار آهي چوندو بار بار هئين،
قرب لاءِ سدائين رهندو بيقرار هئين،
مون سان سِر لڳڻ جا ڪندو اقرار هئين،
حيرت ۾ وجهي ويو آن، صفا بدلجي ويو آن.

ڪيم فون سهڻا چيءِ ڪير آهين تون،
وجي ڪجھ نہ تو سان صفا غير آهين تون،
منهنجي هٿ جي تِري جو لٽل مير آهين تون،
ٽِشو جان اُڇلي ويو آن، صفا بدلجي ويو آن.

"صدا" دل سان توکي ڪري يار ٿو دُعا،
هجين خوش انهن سان جي پيارا ٿئي لڳا،
گل ياسمين جهڙا سارا ٿئي لڳا،
منهنجو نہ تون رهيو آن، صفا بدلجي ويو آن.

# هڪجهڙائي

مون تو ڪالهه لکيو، تو اڄ پڙهيو،
پر ڳالهه اهائي ساڳي آ،
هن ديس وندن جا درد ڏسو،
ڪو روڳي آ ڪو راڳي آ،

ڪا موکي مُند جي مئي ڪٽي،
ڪنهن ديس مان ايندڙ دودن لاءِ
مهمان نوازي ڌرتيءَ جي،
ڪنهن جوءِ ڪان ايندڙ جوڌَن لاءِ
ڪنهن ماڪيءَ لار لنوائي آ،
هي ماڳ معياري ماڻهن جو
ڪو جوڳي آ، ڪو جاڳي آ.

ٽر وَسيو، جڏهن بَر وسيو
۽ ڪاڇو ڪارونجهر وسيو،
ڪينجهر جي تہ ڪناري تي،
ڪنهن نئين اڇي آ چوڙ ڪيو،
پوءِ گيت جهونگاريا جَهر جنگ ۾
ڪا سوني آ، ڪا ياڳي آ.

ڪنهن حلبي هوت سڏايو هو،
۽ ڪاهي ڪيچ کان آيو هو،
تڏهن سسئي سِر نِوايو هو،
پنهون پيار پيامبر پر، ڏيرن ڏاڍ ڏکايو هو،
سر تين سپ سُٽايو هو
تہ سسئيءَ جبل جهاڳي آ.

هئي هوشو ديس لئہ هام هنئي،
“مرويسون سنڌ نہ ڏيسون” چئي،
هو نعرو شاهہ عنايت جو،
جو ڪيڙي ٿو سو ڪائي ٿو،
پوءِ حيدر بخش جي حامي ٿي
بختاور ڪئي تہ ٻٽاڳي آ

موئن جي دڙي کان مڪلي تائين،
تاريخ وڇائي ويني آ،
هر دؤر جي مارئي مارن لئہ،
“ها” لڄ بچائي ويني آ،
هيءَ سنڌ سپاجهي ماڻهن جي،
دوکي نہ دولابي هاڻن جي
هتي ڪابہ نہ دلڙي داڳي آ.

هئا ڪالھ چنيسر، جعفر پر،
دودا، دولھ خان بہ هئا،
ديس جو درد سڄاڻيندڙ،
ڪي مير متا مَهان بہ هئا،
ڪو وير ويهائي ماگر سان،
رت جا ڍُڪ پيري مئو،
ڪو بندر واسين للڪاري،
سڪرنڊ منجھ شهيد ٿيو،
ڪو ڪالھ وڙهيو تلوارن سان،
اڄ "صدا" جو ساھ ويراڳي آ.

# اٽوٽ رشتو

ها توکي ڏسي ٿو خيال اچي
ڪو جنم جنم جو ناتو آ.
تون سون، سونارو تنهنجو مان
تون زيور آن مون پاتو آ.
❊
تون دردوندن، درمان سندن، توکي ٿا ڏِسن
خوش ٿي پيا چون، ها هيءَ اٿئي ويچ منهنجو
ڏسندي ئي سڪون سماتو آ.
❊
مستقبل، ماضي، حال، ازل ۽ ابد عالَم ٿا چون،
پر مون لاءِ وقت، هر ساعت، گهڙي
هڪ لمحو پسي، جڙ ڄاتو آ.
❊

ڪو وٽ ترازو ساڻ ڪري،
ڪو تسبيحَ داڻا روز ڳڻي،
پر مون لاءِ هزار ڪروڙ ته ڇا،
هڪ سجدو ئي هڪ ڪاتو آ.

*

هاءِ ڙي "صدا" تو ڳالھ ته ڪئي،
دنيا داريءَ وارن جي،
روميءَ واري رقص سندي،
مدهوش مئي ۾ مارن جي،
تون ڄاڻين ٿو ته ڪير ڪيئن
هت فَتوائَن ۾ ڦاٿو آ.

*

# ڌرتي جو ترانو

آ جهڙي ممتا، تون تهڙي ڌرتي،
تنهنجو اجرڪ ٽوپي شان تنهنجو موهن دڙو آمان
سڀن جو ساهہ آ تو ۾
اسان جو ساهہ آ تو ۾.

❊

ڇا سنڌبسم الله الرحمٰن الرحيمؤ ڪي پيٽيان دنيا جي دريائن سان
جڳ جي فضا هيٽي ڪاڇي جي هوائن ڪان
او منهنجي سنڌڙي او منهنجي ممتا.

❊

تنهنجي ٿر جا صحرا مون لاءِ باغن ڪان پلارا،
اترادي، ٿري، لاڙي سڀ مارون پيارا،
او منهنجي سنڌڙي او منهنجي ممتا.

❊

ڇئي سنڌ پرست "صدا" منهنجي ڌرتي قديم آهين
حرمين ڇڏي باقي دنيا ڪان عظيم آهين

❊

او منهنجي ڌرتي او منهنجي ممتا
تنهنجو الله وڏايو شان، توکي مولا ڏنو آمان
اسان جو ساهہ آ تو ۾
سنڌين جو ساهہ آ تو ۾.

# سنڌوءَ جو شان

(ڪافي)

آهه، حياتي هر قطري ۾ ڪوثر سپ لاءِ آهي
ڙي سنڌو ڪير سڏائي.

❊

گدلو پاڻي جنهن پي پيتو، امرت تنهن لاءِ آهي
ڙي سنڌو ڪير سڏائي.

❊

دنيا جي دريائن ۾ سرواڻ سين جو آهي
ڙي سنڌو ڪير سڏائي.

❊

مارو ڏوتي، مير مهاڻا سپ سان پريت نڀائي
ڙي سنڌو ڪير سڏائي.

❊

دنيا جي انمول اسپيشل، ٻلهڻي ٽپڙا ڪائي
ڙي سنڌو ڪير سڏائي.

❊

ڏارئين ديس جو گهمٽو ماٺهو هر هنڌ ڳڻ ٿو ڳائي
ڙي سنڌو کير سڏائي.

❊

موهن جي دڙي جي ڏس سمبارا سڏي پئي سمجهائي
ڙي سنڌو کير سڏائي.

❊

"صدا" چوي هن ديس تي رب جي خاص عنايت آهي
ڙي سنڌو کير سڏائي.

❊

آهه حياتي هر قطري ۾ ڪوثر سيءَ لاءِ آهي
ڙي سنڌو کير سڏائي.

# منهنجو شهر جيڪب آباد

(ڪافي)

جيڪب آباد ۾ جيءُ جڙي ويو، جيڪب آباد ۾ جيءُ،
آ جيڪب آباد جياريو، سنڌ ۾ نيارو.

گرميَن جي آ گلشن هتڙي، صدا بهار سيارو،
سنڌ ۾ نيارو،

❊

هر سال آ هتڙي ميلو مچندو، قرب آ ٿيندو قرارو،
سنڌ ۾ نيارو،

❊

خانگڙهه ڪان هاٽي تائين، عظمتن جو اُتارو
سنڌ ۾ نيارو

❊

“صدا” جو آهي عرض الله کي، امن جو رهي گهوارو
سنڌ ۾ نيارو

# ڪافي

منهنجو يار آ سهڻو هَٽ پري،
ٻيا سيئي سهڻا، سَٽ پري.

❊

پلي اڪيون هزار ڏسي آ،
تن ۾ پنهنجو پيار ڏسي آ،
پر يار جي نيڻن جا نَٽ پري.

❊

وڃي مسجد، مندر گُهمي آ،
ڪيئي روزا، چائنٽ چُمي آ،
پر عشق جا گهير ۾ گَهٽ پري.

❊

هو "صدا" ڪي سُور ڏيئي ٿو،
پوءِ ٻه دل تي راڄ ڪري ٿو،
محبوب جا آهن مَٿ پري.

# ڪافي

دنيا دورنگي آهي ادا سائين
پاڻ بچايو پاڻ.

❋

بصر سندا پردا دل تي
ڪٽي گهمن سڀ ساڻ.

❋

جعفر، صادق، سودو سنڌ جو
دولھ، ديس جو داڻ.

❋

درد وندن جو ديس پلارو
بي درد حسيني هاڻ.

❋

سهڻن ساھون سادي "صدا" جي
هڪ نہ هلي ٿي هاڻ.

# ڪافي

آهيان دردن ماري
ننگي توتي ننگ آ،

سسئي ڪيچ ڪشالا، سهٽي مَري ميهار لاءِ
مومل مچ مشالا، مارئي مهٽن ماري
ننگي توتي ننگ آ.

ڏوتي ڏيهي ڏاڏاٽا، محبت ميم جا ماٽا
ٽري بک ڏک ساٽا، وسي تہ پوکن هاري
ننگي توتي ننگ آ،

"صدا" سنڌ سلامت، رهندي تائين قيامت
ايندي ويندي شامت، رهندي برھ بهاري
ننگي توتي ننگ آ.

# ڪافي

نينهن نياپن سان ناهي ٽيندو، وڃي در تي ديرڙو لاءِ
پنهنجو پاڻ وڃاءِ.

محبوبن جي سامهون ادب سان، پنهنجو سِرڙو يار نواءِ
پنهنجو پاڻ وڃاءِ.

يار جي دَر جو نوڪر ٻانهون، سر عام سڏاءِ
پنهنجو پاڻ وڃاءِ.

گذريو جنهن لنگهه تان دلبر، اتي ننگا پير پساءِ
پنهنجو پاڻ وڃاءِ.

محبوبن جي مرضي خاطر، تون ڪُڏي ڪنڌ ڪپاءِ،
پنهنجو پاڻ وڃاءِ.

محبوب جڏهن مالڪي ڪن، پوءِ "صدا" پاڻ سڏاءِ
پنهنجو پاڻ وڃاءِ.

# ڪافي

ڪري ها اَنا ڪي فَنا جي انسان
ڪري اَنا ڪي فَنا

ڪري آدم ڪي ها سجدو ابليس اگر،
عزازيل رهي ها نہ شيطان،
ڪري اَنا ڪي فَنا

پڙهي ها ڪن ۾ ڪلمو جي سائين سهڻي سان
مليس ٿي پل ۾ سڀ ڪجهہ نہ هڪ جهان،
ڪري اَنا ڪي فَنا

رهي رضا ۾ جي راضي پنهنجي رازق سان
"صدا" افضل آهي انسان نہ ڪو حيوان
ڪري اَنا ڪي فَنا

# دم گهرجي

(ڏوهيڙو)

عشق، عشق سڀ ڪو چوي،
پر عشق ڪمائڻ لاءِ دم گهرجي،
ڇڏي شهر ڀنڀور ڪي وري،
ڪيچ ڏي ڪاهڻ لاءِ دم گهرجي،
هڪ سِر ليليٰ جي خاطر نالو،
قيس ڳڻائڻ لاءِ دم گهرجي،
موت جي وادي ۾ پير،
پنهنجو پائڻ لاءِ دم گهرجي،
رکي سِر سولي تي يا،
سِر ڪٽائڻ لاءِ دم گهرجي،
“صدا” چوي دل جي دنيا ۾،
هڪ شخص رهائڻ لاءِ دم گهرجي.

❋

# ڏوهيڙا

پاڻ ڪُٽايون ڪيسا ويٺا، روئن زارو زار،
هن دورنگي دنيا ۾، ويا هلي لک هزار،
جوت نہ رهي جذبن ۾، اڄ پئسي جو ٿيو پيار،
آهي لاشاري لاچار، اڳيان ان آڙاھ جي.

❋

پاڻ ڪٽائي ڪيسا، پوءِ ميرن ڪئي موٽ،
هن دورنگي دنيا ۾، پين ٺوٺن مٿان ٺوٺ،
لعل ٻٽيا لاهوري، پر اڳيان هو بہ اٺوٺ،
ڪيئي جام ڄاموٺ، "صدا" پسيا سورن ڪي.

❋

پاڻ ڪٽائي ڪيسا، ڪيئي منجهي پيا مير،
هڪ دورنگي دنيا ۾، ٺين لٽا لِيڙ ڪَتير،
زماني جي زيادتين، زوري ڪين ظهير،
ٿيو "صدا" ساڻ اَسير، جاني انهيءَ جيل جو.

❋

**پاڻ ڪٺائي ڪيسا، پوءِ ڪرها ڪاهيائون،**
**هن دورنگي دنيا ۾، پير نہ پچايائون،**
**چڏي ديس دلبر جو، وڃي چٽ وسايائون،**
**پر ڪنڌ نہ جهڪايائون، "صدا" سامراجين سين.**

❊

**لک قرب سائين، مڃيو ڳالھ منهنجي،**
**ڪيو مون کي شامل، پنهنجي لڙيءَ ۾،**
**سياڳي ٿو پايان، هي ويل سائين،**
**پراون کان ٿيا سين، پنهنجا گهڙيءَ ۾.**

# ٽيڙو

ازلؤن مڙيئي مرندين، پر تون محبت ۾ مَر،
جڏهن ساهه اچَئي سڪرات ۾، پڙهه الفت جا اکر،
سي "صدا" ٿيا اَمر، جيڪي محبت ۾ مري ويا.
*

ازلؤن موت مٿي تي آهي، معاف نہ ڪندي تو،
محبت ۾ جي مرندين، ياد ڪندوءِ هر ڪو،
"صدا" نہ وساريو سو، جيڪو محبت ۾ مري ويو.
*

ازلؤن موت مٿي تي، ادا آخر ايندءِ عزرائيل،
ڪيستائين ڪارائيندءِ، مٿا تو ميڪائيل،
آندو جو جبرائيل، "صدا" سانديج ساهه ۾.
*

ازلؤن مڙيئي مرندين، پر تون ڪجهہ تہ ڪري مَر،
ڪوڙ، ڪپٽ ڪان پاڙ، بچائي مَن ۾ موتي پر،
جيڪي گلا سندا گهر، سي "صدا" رهيا سورن ۾.

❊

گل پيو شرمائي چهرو، پَسي پرين جو،
گل مَهڪڻ سان ميسرا جي، محبوب ٿئي مست
چاهت پسي چُست، "صدا" منهن محبوب جو.

❊

ايوبي تلوار
بن يوسف يلغار ڪئي واهه
لاهوتي للڪار

❊

شان سندن شمشير
يروشلم تي علم ڦڙڪايو
يوسف بن ظهير

❊

همت پريو همراهه
سلطان جلال الدين هيو هڪ
خوارزم جو شاهه.

❊

عباسيه بغداد
سازشن جي چار ۾
ڦاسي ٿيو برباد

❊

# هائيڪا

بدو اچي پيو،
اٺ جهاز بيابانيءَ تي،
پاڻ وٽائي پيو.
❊

گلوبل ڳوٺ دبئي ۾،
ڏس تہ نچي پئي سهڻي ناري،
پهريل ويس بَدوَئي ۾.
❊

گلوبل ڳوٺ دبئي ۾
هرڪو ديس ثقافت سوڌو،
ويٺل ڏس تہ دبئي ۾.
❊

يو اَي اِي جي روڊ تي،
متان ڊرائيور سگنل ٽوڙين،
اڪ آ تنهنجي ڪوڊ تي.
❊

ماروئڙن جو ديس
ڪڙڇ، ڳاڏيون ۽ ڪيڪڙا
روڊ نہ رستا ڪيس.
❊

ٻُڌ، شاهہ خليفا
ايڏي اوچي واهہ جو ٺاهيو ئي
ماڙي برج الخليفا
❊

بدوئن جو ديس
پاٽل ڳانترا، سفيد ڪنٽورا
واهہ شاهاٺو ويس
❊

سهڻي سنڌ سڀ ئي
جي غاصب حق نہ ڪائي منهنجا
ٿي پئي ديس دٻئي
❊

عظمت جو اُهڃاڻ
گلوبل ڳوٺ ۾ سنڌي ناري
اوڍيل اجرڪ ساڻ.
❊

درد ونڊن جو ديس
سنڌ سدائين سورن ۾
قابض ڏاريا ويس.
❊

ڪولاچي جو ديس
اجرڪ ٽوپي گج جنهن پهريو،
ڇڻ تہ ويڳاڻو ويس.
❊

ديس جي اندر ديس
ست اڪايون، آزاد وسيلا
مليل آهن ڪيس.
❊

سمجھ پريو انسان
ديس ڪي ڇا دستور ڏئي ويو
شيخ بن النهيان.
❊

بدوئن جا هوٽل
دربان سوٽ ۽ ٽاءِ سان
بيٺا آهن ٺوٺل
❊

ڪراچي جو هوٽل
دربان آ بيٺل دروازي تي
پٽڪو اٽس پاتل
❊

رياست عجمان
دنيا ڀر جا محنتي ماڻهو
اچي ٿيا مهمان
❊

رياست اُم الڪوين
بدو بيٺو ريت دڙي تي
وڄائي پيو بين
❊

برج العرب جميرا
پريون ڏس ته سمندر ساحل
شامون صبح سويرا
❊

سمنڊ اندر گهر
ڏس ته اڏيل هن کهڙا سهڻا
شهرن جا شهر
❊

الله جو گهر
اڏيل شهڪار ابو ظهبي ۾
مسجد جو منظر
❊

بدوئن جي ديس ۾
ڪا نه پراڻي ڪار پئي ڏسجي
رستي جي ريس ۾
❊

منڙو مڪو شهر
الله جو ازلي گهر ڪعبو
موهيندڙ منظر
❊

پاڪ مدينو شهر
سبحان الله سبز گنبذ جو
چا تہ مزو منظر
❊

جبران جي ڳالهہ ۾ جان آهي
پر شاهہ لطيف پڙهي تہ ڏس تون
تہ ڇا ٿيندو انسان آهي.
❊

شهناز شورو
گورن جي شهر ۾
جهونگاري مورو.
❊

ڪائي ڏنگ ڏوڪا،
ڏسي مسڪرائي، چئي وئي اچان ٿي،
ڏنا يار ڏوڪا.

# ٻه سِٽا

نظر جو جام جنهن پيتو صنم تنهن سان سدا گڏ آ،
شيخي ۾، فقيري ۾، خدا تنهن سان "صدا" گڏ آ.

❊

ها توکي ڏسي ٿو خيال اچي، کو جنم جنم جو ناتو آ
تون سون، سنارو تنهنجو مان، تون زيور آن، مون پاتو آ.

❊

وار واسينگن وَنگ، موهي وڏو منڙو
ڏسي دهشت دنگ، ساهه مُٺ ٿيو "صدا" جو.

# جلال چانڊيو کي ارپنا

ڪري ڪير ڪمال
چيڙي، يڪتاري جو بادشاهه
هيو هڪ جلال

❊

سنڌڙي جو پٽ
ثقافت جي اهڃاڻ سراسر
هو هڪ جلال

❊

ڳاج ڳج ڳوڙ،
جلال پئي ڳايو راڳ ڪوهياري
مولا ڪاڇو ٻوڙ

❊

جهنگ جهر واهه واهه
چيو مال چاريندي ماروئن
ڳاءِ جلال ڳاءِ

❊

هر هلائي ساٽو
ٻڌي هاري پنهنجو ڏَڪَ ٽي لاٿو
جلال جو ڳايل سُر راٽو.

# BACK Title

# Introduction "تعارف"

نالو: الله بخش لاشاري (اي بي لاشاري)

تخلص: "صدا"

شاعراڻو نالو: صدا لاشاري

پيشو: وڪالت

شوق: مضمون نگاري، شاعري، سماجي
ءِ قانوني تحقيق

"تعليم ايم اي عمرانيات و جرميات
M.A sociology (criminology)
ايل ايل بي و ايبد ايل ايم
يونيورسٽي آف ڪراچي.

تحقيقي ڪم:

(1) ڪارو ڪاري تي تحقيقي مقالو 2009
(Honour killing challenged and Responses)

(2) دهشتگردي تي تحقيقي مقالو 2011
(Terrorism challenges and Responses with special Karachi)

(3) ٻهراڙي جي سماجيات 2008
(Rural sociology and Pakistan`s agro society)

سنڌ ڪالهه ۽ اڄ اخباري ڪالم